SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVIII مجريه 1996

# SINDH ACT NO.XVIII OF 1996

# پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهه (ترميم) ايڪٽ، 1996

# THE PEOPLE'S MEDICAL COLLEGE AND HOSPITAL NAWABSHAH (AMENDMENT) ACT, 1996

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1995 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعه 18 جي ترميم
Amendment of section 18 of Sindh Act XIII of 1995

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVIII مجريه 1996

# SINDH ACT NO.XVIII OF 1996

# پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهه (ترميم) ايڪٽ، 1996

# THE PEOPLE'S MEDICAL COLLEGE AND HOSPITAL NAWABSHAH (AMENDMENT) ACT, 1996

[6 آڪٽوبر 1996]

ايڪٽ جنهن ذريعي پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهه ايڪٽ، 1995 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهه ايڪٽ، 1995 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهه (ترميم) ايڪٽ، 1996 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1995 جي سنڌ

2. پيپلز ميڊيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهه ايڪٽ،

| | |
|---|---|
| 1995 جي دفعہ 18 ۾: <br>(1) ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: <br>"(2) ذيلي دفعہ (1) هيٺ گنجائش ڪيڏي ويندي ۽ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج (ترميم) ايڪٽ، 1996 جي نافذ ٿيڻ بعد جي نوي ڏينهن اندر حڪومت کي پيش ڪئي ويندي." <br>(2) ذيلي دفعہ (3) ۾، لفظ "حڪومت" لاءِ لفظ "بورڊ" کي متبادل بڻايو ويندو. <br>(3) ذيلي دفعہ (3) کانپوءِ، هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي: <br>"(4) جتي ڪو شخص جنهن جون خدمتون جيڪو ذيلي دفعہ (2) جي طريقي موجب نہ آهي، ليڪن ان جون خدمتون عوامي مفاد ۾ ميڊيڪل ڪاليج کي گهربل آهن، تہ اهڙي شخص جي خدمت ميڊيڪل ڪاليج ڏانهن منتقل ڪيون وينديون ۽ اهڙي منتقلي بعد اهو اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب ڊيپوٽيشن تي هوندو. جيڪي سرڪار طئي ڪري پوءِ اهي سابقہ ملازمت جي شرطن ۽ ضوابطن جهڙيون نہ بہ هجن." <br><br>**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | ايڪٽ XIII جي دفعہ 18 جي ترميم <br>Amendment of section 18 of Sindh Act XIII of 1995 |